ABC Certified DAILY AAS HYDERABAD
روزاني آس حيدرآباد
dailyaashyd@gmail.com
(سال15)اڱارو 27 سيپٽمبر 2022 ع 30 صفر المظفر 1444هه (شمارو 264)قيمت 15 رپيا)

پاڪ فوج جو هيلي ڪاپٽر ڪري تباهه، 6 اهلڪار شهيد

پاڪ فوج جو هيلي ڪاپٽر بلوچستان جي علائقي هرنائي ۾ ڪري تباهه ٿي ويو: آءِ ايس پي آر

شهيد ٿيندڙن ۾ ميجر محمد منيب افضل، ميجر خرم شهزاد، نائيڪ جليل، صوبيدار عبدالواحد، سپاهي محمد عمران ۽ سپاهي شعيب شامل

وزيراعظم پاران شهباز شريف هيلي ڪاپٽر حادثي تي افسوس جو اظهار ڪيس دعا آهي ته الله تعاليٰ شهيدن کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ ءِ مقام ۽ پونئرن کي صبر عطا فرمائي: وزيراعظم

راولپنڊي (م د) بلوچستان ۾ پاڪ فوج جو هيلي ڪاپٽر ڪري تباهه ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ميجرز سميت 6 اهلڪار شهيد ٿي ويا آهن پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب پاڪ فوج جو هيلي ڪاپٽر بلوچستان جي علائقي هرنائي ۾ ڪري تباهه ٿي ويو. حادثي جي نتيجي ۾ ٻن پائلٽس سميت ڇهه اهلڪار شهيد ٿي ويا آهن آءِ ايس پي آر موجب پاڪ فوج جو هيلي ڪاپٽر گنڊريل رات فلائنگ مشن دوران ڪري تباهه ٿيو حادثي ۾ شهيد ٿيندڙن ۾ ميجر محمد منيب افضل، ميجر خرم شهزاد، نائيڪ جليل، صوبيدار عبدالواحد، سپاهي محمد عمران ۽ سپاهي شعيب شامل آهن وزيراعظم شهباز شريف هيلي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 13

راولپنڊي: شهيد ٿيندڙ نوجوانن جي حياتيءَ جون تصويرون

سنڌ جي بدل شهرن مان پاڻي ڪڍي زندگيءَ کي معمول تي آڻڻ جو وقت اچي ويو آهي: وڏو وزير مراد علي شاهه

ڪئمپن ۾ رهندڙ ماڻهو اصل پريشانيءَ ۾ آهن جن کي سندن گهرن ڏانهن موڪلڻ تائين ٿي ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن سندن علائقن مان پاڻي صاف ٿي ويندو

صوبي جي هر متاثر علائقن جو دورو ڪيو آهي ۽ ڏٺو ته پاڻي گهٽجڻ شروع ٿي ويو آهي. اسان کي هڪ منصوبو ناهڻو آهي ته ڪيئن بيٺل پاڻي کي نيڪال ڪيو وڃي

سيف الله ۽ راڻس ڪئنالويڙن جي مٿانهين حصي ۾ ايف پي بند سان پاڻي جي سطح 8 فٽ کان گهٽجي 11 فوٽ تي وڃي آهي ڏکڻ دادو ويڙن جي هيٺئين پاسي 4 کان 7 فٽ ۽ سيپرو بند ۾ به پاڻي جي سطح 5 کان 6 فوٽ گهٽجي وڃي آهي: بريفنگ

گڏو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن وٽ سنڌو درياهه معمول مطابق وهي رهيو آهي. منڇر ڍنڍ جي سطح گهٽجي وئي آهي جيڪا 4.45 فٽ گهٽتائي کي ظاهر ڪري ٿي

دادو_مورو پل ۽ آمري پل وٽ سطح به ترتيبوار 9.4 فٽ ۽ 7.7 فٽ گهٽجي وئي آهي لاڙڪاڻو_ سيوهڻ بند ۾ تعمير ٿيل 4 ڪٽ مان هڪ کي پوريو ويو. باقي ٽنڪڻ ۽ دانستي اڙل هيڊ ۽ ٿيل وڏان 114010 ڪيوسڪ پاڻي نيڪالي رهيو آهي

خيرپور ناٿن شاهه جو مرڪزي چينل ايم اين وي ۾ وهي رهيو آهي ۽ 5 فوٽ گهٽجي ويو آهي. جوهي برانچ آر ڊي 67 خيرپور ناٿن شاهه دادو روڊ تي به پاڻي جي سطح 5.5 فوٽ گهٽجي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌو درياهه جي ساڄي ۽ کاٻي ڪنارن تي رهندڙ ڳوٺن ۽ شهرن مان پاڻي جي نيڪال لاءِ لاڳاپيل چيف انجنيئرن جي اڳواڻي ۾ ڪميٽيون جوڙيون آهن ته جيئن زندگي معمول موجب آڻڻ سميت زرعي زمينن تي ربيع جي فصل جي پوک بابت منظوري ڏئي سگهجي. ڪئمپن ۾ رهندڙ ماڻهو اصل پريشانيءَ ۾ آهن جن کي سندن گهرن ڏانهن موڪلڻ تائين ٿي ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن سندن علائقن مان پاڻي صاف ٿي ويندو هن. اها ڳالهه اڄ وزيراعليٰ هائوس ۾ صوبي جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ٻوڏ جي پاڻي جي نيڪال بابت /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٻوڏ جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو، وبائي مرض تيزي سان پکڙجڻ لڳا

خيرپور جي تعلقي ٺري ميرواهه ۾ هينئر تائين ڪيترائي فٽ پاڻي بيٺل، دادو جو 70 سيڪڙو علائقو اڃان تائين پاڻي هيٺ

خيرپور ناٿن شاهه، جوهي ۾ ٻوڏ جي پاڻي سبب مليريا، ڊائريا ۽ گيسٽرو جون بيماريون پکڙجڻ لڳيون

سانگهڙ جي مختلف علائقن مان اڃان تائين پاڻي جي نيڪالي عمل ۾ نه اچي سگهي، متاثرين کليل آسمان هيٺ ويٺل

ڪراچي (م د) سنڌ ۾ برساتن ۽ ٻوڏ وهڪرن جي تباهين کان پوءِ هڪ مهينو گذرڻ باوجود مختلف شهرن مان اڃان تائين ٻوڏ جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو آهي جنهن سبب وبائي مرض تيزي سان پکڙجڻ لڳا آهن خيرپور جي تعلقي ٺري ميرواهه ۾ هينئر تائين ڪيترائي فٽ پاڻي بيٺل آهي. جڏهن ته دادو جو 70 سيڪڙو علائقو اڃان تائين پاڻي هيٺ آهي. صحت کاتي موجب /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 16

پنجاب جي گورنر سرڪاري ڪاليج ۾ پي ٽي آءِ جي پروگرام جو نوٽيس ورتو

ملڪ جي نامياري تعليمي اداري کي سياسي ميدان بڻائڻ افسوس جوڳو عمل آهي: بليغ الرحمان

بار اسان جو مستقبل ۽ قومي سرمايو آهن ڪين سياست ۾ گهيلڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

لاهور (م د) پنجاب جي گورنر محمد بليغ الرحمان /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 15

شهر جو وڏو مسئلو اسٽريٽ ڪرائمز آهن: ڪراچي پوليس چيف جاويد عالم اوڍو

ان مسئلي جي روڪٿام ماڊرن پوليسنگ سيف سٽي منصوبي کانسواءِ ممڪن ناهي

ملڪي معيشت ۾ ڪراچي جو ڪارائتو ڪردار آهي، شهر روزگار مهيا ڪندو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس چيف جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته شهر جو وڏو مسئلو اسٽريٽ ڪرائمز آهن ۽ ان مسئلي جي روڪٿام ماڊرن پوليسنگ سيف سٽي منصوبي کانسواءِ ممڪن ناهي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو پنهنجي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 17

آڊيو ليڪس معاملو، قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس طلب

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف وزيراعظم هائوس سميت اهم هنڌن کان گڃهي رڪارڊنگ جي معاملي تي قومي سلامتي ڪميٽي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 18

ريڊ لائين منصوبي جي لاڳت 505 ملين آمريڪي ڊالر آهي: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته منصوبي جي لاڳت ۾ واڌ نه اچي ۽ منصوبو وقت تي مڪمل ٿي: صوبائي وزير اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ

واري صورتحال ۾ امدادي سرگرميون جاري آهن، پاڻي گهٽجي رهيو آهي، ماڻهو پنهنجن گهرن ڏانهن واپس وڃي رهيا آهن

حيدرآباد ۾ 30 سيڪڙو ماڻهو امدادي ڪيمپن مان پنهنجن گهرن ڏانهن واپس ويا آهن: صوبائي وزير جون ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانس ڪراچي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ جي انفرااسٽرڪچر جي تعمير تي جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ويو بورڊ جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ اجلاس هر مهيني منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو شروعاتي طور تي بورڊ جا /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 19

چنڊ نظر نه آيو، 12 ربيع الاول آچر 9 آڪٽوبر تي ٿيندي

مرڪزي چنڊ ڏسڻ ڪميٽي جو اجلاس مولانا عبدالخبير آزاد جي صدارت هيڊڪوارٽر ۾ ٿيو

ملڪ ۾ ڪٿان به چنڊ نظر نه اچڻ جون شاهديون ملڻ ڪانپوءِ اعلان ڪيو ويو

ڪوئيٽا (م د) ملڪ ۾ ربيع الاول مهيني جو چنڊ نظر نه /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 20

ٽرانسجينڊر ايڪٽ ۾ ترميم وارو بل سينيٽ ۾ پيش

ٽرانسجينڊر وارو بل مارچ 2018 ع ۾ پاس ڪيو ويو هو، جيڪو منهنجي چيئرمين ٿيڻ کان پهريان منظور ٿيو: صادق سنجراڻي

سينيٽ ڪو افراڊ ڪر نه ڪندي جيڪو اسلامي قانون جي خلاف هجي، صلاح مشوري سان معاملو کي حل ڪندا سين

اسلام آباد (م د) سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي چيو آهي ته ٽرانسجينڊر ايڪٽ ۾ ترميم جي حوالي سان ڪميٽي ۾ غور ڪيو ويو. پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته ٽرانسجينڊر وارو بل مارچ 2018 ع ۾ پاس ڪيو ويو هو، جيڪو منهنجي چيئرمين ٿيڻ کان پهريان منظور ٿيو هو چيو ته مشتاق احمد بل ۾ ترميمون پيش ڪيون آهن، جن بابت سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ غور ويچار ڪري رهي آهي. هن چيو ته سينيٽ ڪو اهڙو ڪم /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 21

ڪراچي جي ايڊمنسٽريٽر مرتضيٰ وهاب عهدو ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪراچي شهر لاءِ جي بهتري لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو، وڏيون وڏيون شاهراهون اسان ٺهرايون: مرتضيٰ وهاب

جنهن کي ايم سي لاءِ چيو ويو ته اختيار ناهن پر ان ڪم ڪري ڏيکاريو، اسان شهر ۾ ڪو نئون ٽئڪس نه لڳايو

ڪراچي (رپورٽر) ايڊمنسٽريٽر ڪراچي مرتضيٰ وهاب پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جو چوڻ هو ته ڪراچي شهر لاءِ جي بهتري لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو، وڏيون وڏيون شاهراهون اسان ٺهرايون هن چيو ته جنهن کي ايم سي لاءِ چيو ويو ته اختيار ناهن پر ان ڪم ڪري ڏيکاريو، اسان شهر ۾ ڪو نئون ٽئڪس نه لڳايو، اسان اها غلطي ڪئي جو پنهنجي ڪيس ۾ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 22

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي: حليم عادل شيخ

سنڌ جي پوليس کي اسلام آباد ۾ پي ٽي آئي جي امڪاني جلسي کي روڪڻ لاءِ اماڻيو ويو آهي

ڏوهاري جي انڪروچمينٽ پوليس ڪراچي ۽ زمينن تي قبضا ڪرڻ ۾ لڳل آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ حليم عادل شيخ سنڌ حڪومت پاران داخل ڪيل دهشتگردي جي ڪيس ۾ پيشي تي سينٽرل جيل ۾ قائم دهشتگردي تي عدالت ۾ پيش ٿيو عدالت ۾ ڪيس ۾ تفتيشي آفيسر ۽ گواهه پيش نه ٿيڻ جي ڪري ڪيس جي ٻڌڻي 14 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪئي وئي. عدالت جي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي حليم عادل شيخ چيو ته آئون هڪ ٽي وي چينل تي لائيو هئس ان وقت جو سونهي ڪرڙو دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪيو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 23

پاڪستان کي نواز شريف دور جيان بيهر بلنديءَ تي وٺي وينداسين: اسحاق ڊار

اسان نواز شريف جي قيادت ۾ ملڪ کي اهڙي پوزيشن تي آڻي بيهاريو هو جو اسان دنيا جي 18 هين معيشت بڻائڻ وڃي رهيا هئاسين

مون تي ڀيهه سالن جو ٽئڪس جمع نه ڪرائڻ جو الزام مڙهيو ويو جڏهن ته مون ڪڏهن ڀيهه ڏينهن به ٽئڪس ڀرڻ ناهي ڪيو

لنڊن (م د) اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان کي بيهر بلنديءَ تي وٺي وينداسين جيئن نواز شريف جي دور ۾ هو. اسحاق ڊار جي اڄ وطن واپسي ٿيندي ۽ هو جلد پنهنجو عهدو سنڀاليندو. وزيراعظم اڄ لنڊن کان پاڪستان لاءِ روانو ٿيندو اسحاق ڊار به ساڻس گڏ هوندو. يشي چڱا اڄ رات ناٿين وڳي واپس وطن ورندا. اسحاق ڊار سڀاڻي سينيٽر طور عهدو سنڀاليندو لنڊن ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اسحاق ڊار چيو ته اسان نواز شريف جي قيادت ۾ ملڪ کي اهڙي پوزيشن تي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 24

اسحاق ڊار جي سينيٽ واري سيٽ خالي قرار ڏيڻ بابت ڪيس جو فيصلو محفوظ

29 مارچ 2018 تي اسحاق ڊار جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن معطل ٿيو سپريم ڪورٽ مان درخواست رد ٿيڻ تي نوٽيفڪيشن بحال ٿيو: وڪيل

اسحاق ڊار تي آرڊيننس لاڳو نٿو ٿئي ڇو ته اسحاق ڊار جو نوٽيفڪيشن معطل هو ته اهو حلف ڪيئن کڻي سگهي ٿو

آرڊيننس جو مدو هوئڻ به پورو ٿي چڪو آهي، اليڪشن ڪميشن سينيٽ سيٽ خالي قرار ڏيڻ جو نوٽيس واپس وٺ

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ اسحاق ڊار جي سينيٽ سيٽ جي خالي قرار ڏيڻ بابت ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو اسحاق ڊار جي سينيٽ جي سيٽ خالي قرار ڏيڻ جي ڪيس جي ٻڌڻي اليڪشن ڪميشن ۾ ٿي. ٻڌڻي دوران اليڪشن ڪميشن جي ميمبر چيو ته 60 ڏينهن دوران حلف نه کڻڻ تي سيٽ خالي قرار ڏيڻ جو آرڊيننس آيو هو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 26

مريم نواز جي هڪ ٻي آڊيو ليڪ ٿيڻ واري آهي جيڪا مون بابت آهي: عمران خان

ڀارت جي آءِ ٽي ايڪسپورٽ 140 ارب آهي ۽ اسان جي دور ۾ آءِ ٽي سيڪٽر رڪارڊ 32 ارب ايڪسپورٽس ٿيون

اسان آءِ ٽي سيڪٽر کي ٽئڪس مان ڇوٽ ڏني جڏهن ته حڪومت ۾ آيا سين اسٽارٽ اپس ۽ آءِ ٽي سيڪٽر کي ٽئڪس جي ڇوٽ ڏنيسين

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو آهي ته مريم نواز جي هڪ ٻي آڊيو ليڪ ٿيڻ واري /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 25

روس: هٿياربند شخص پاران فائرنگ، ٻارن سميت 13 ڄڻا مارجي ويا، 21 زخمي

حملي آور پهريان سيڪيورٽي گارڊ کي قتل ڪيو ان کان پوءِ اسڪول ۾ داخل ٿي ٻارن مٿان فائرنگ ڪري ڏني

ٻارن مٿان فائرنگ ڪان پوءِ حملي آور پاڻ کي به گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو

ماسڪو (م د) روس جي هڪ اسڪول ۾ هٿياربند شخص فائرنگ ڪري 7 ٻارن سميت 13 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو مذڪوره واقعو روس جي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 28

سنڌ هاءِ ڪورٽ بجلي جي بلن ۾ ميونسپل ٽيڪس جي وصولي روڪي ڇڏي

غريب شهرين کان ميونسپل ٽيڪس وصول ڪرڻ مناسب ناهي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس ارشد حسين خان تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ بجلي جي بلن ۾ ميونسپل /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 29

لاهور: آئي جي پنجاب فيصل شاهڪار اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ يڪدم وڏي لاٽ

في تولي اگهه ۾ ڇهه هزار اٺ سئو رپيا لاٽ ٿي آهي: سنڌ جيولرز ايسوسيئيشن

10 گرام سون هڪ لک ٻاويهه هزار اٺ سئو ستونجاهه رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ سون جي في توليو قيمت ۾ اڄ يڪدم ڇهه هزار اٺ سئو رپين جي وڏي لاٽ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. سنڌ جيولرز ايسوسيئيشن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 32

ڊالر کي ريورس گيئر لڳي ويو، رپئي جي مُلهه ۾ وڏي واڌ

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 6 رپيا 90 پيسا، انٽر بئنڪ ۾ 2 رپيا 63 پيسا سستو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو مُلهه 6 رپيا 90 پيسا گهٽجڻ بعد 237 رپيا 50 پيسا آهي

ڪراچي (رپورٽر) اڄ اوپن مارڪيٽ سوڌي انٽر بئنڪ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ بهتري رڪارڊ ڪئي وئي آهي. اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 6 رپيا 90 پيسا /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 34

پٽ هٿان ننهن جو قتل، سينئر صحافي اياز امير ڪيس پاڻ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

واقعي وقت مان چڪوال ۾ هئس، واقعي جي اطلاع مون پاڻ اسلام آباد پوليس کي ڏني: اياز امير

آءُ جي موجود نه هوان ڪري ايس پي کي اطلاع ڏني وئي، مون کي شڪ هو ته واقعي ۾ ڪو زخمي نه ٿي وڃي

اسلام آباد (م د) پٽ جي هٿان ننهن جي قتل ڪيس ۾ جاچ جي لاءِ گرفتار سينئر صحافي اياز امير پنهنجو ڪيس پاڻ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 35

لاهور: ڊائريڪٽر پاپوليشن ويلفيئر ثمن راءِ الحمرا آرٽس ڪائونسل ۾ تصويري نمائش جو معائنو ڪندي

احسن اقبال عمران خان خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

نارووال اسپورٽس سٽي ڪامپليڪس کي تباهه ڪرڻ تي عمران خان خلاف ڪيس داخل ڪرائيندس: احسن اقبال

اسپورٽس ڪامپليڪس جي بحالي لاءِ ڪيل واڌو خرچ عمران خان ۽ نيب کان ڪيرائيندا سين

عمران خان 4 سالن دوران پاڪستاني معيشت کي ٻڏي ويو آهي. معيشت کي لڳايل بارودي سرنگن کي صاف ڪرڻو آهي

اسلام آباد (م د) وفاقي وزير احسن اقبال تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ ليگي اڳواڻ احسن اقبال چيو ته نارووال اسپورٽس سٽي ڪامپليڪس کي تباهه ڪرڻ تي عمران خان خلاف ڪيس داخل ڪرائيندس. اسپورٽس ڪامپليڪس جي بحالي لاءِ ڪيل واڌو خرچ عمران خان ۽ نيب کان ڪيرائيندا سين هن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 27

ريحام لنڊن پوليس کان مريم سان
بدتميزي ڪندڙ پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف
ڪارروائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي اڳوڻي گهر واري ريحام خان وفاقي وزير مريم اورنگزيب سان لنڊن ۾ پيش ايندڙ افسوسناڪ واقعي خلاف لنڊن پوليس کان ڪارروائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي ريحام خان ٽوئٽر تي بيان جاري ڪندي واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي لکيو آهي ته اهو هڪ اهڙو واقعو آهي جنهن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي: جيپا فائونڊيشن طرفان ٻوڏ متاثرن ۾ کاڌ خوراڪ جو سامان ورهايو پيو وڃي

حڪومت هيڪرز کان ليڪ ٿيل ڊيٽا خريد ڪري رهي آهي: فواد چوڌري

اسان تمام گهڻو خرچ ڪري ايجنسين کي جديد سامان کان ليس ڪيو، 340 ڪلاڪن جي آڊيو ليڪ ٿي پر ڪنهن به اداري کي خبر ئي نه آهي

پاڪستان جي وزيراعظم جي آفيس به سائبر سيڪيورٽي جي حوالي سان غير محفوظ آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا

مريم اورنگزيب ۽ راڻا ثناءالله بيان ڏنا پر پنهنجي جي بيانن ۾ تڪرار آهي، اڃان تائين وزيراعظم آفيس آڊيو ليڪ تي بيان جاري ناهي ڪيو

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته حڪومت هيڪرز کان ليڪ ٿيل ڊيٽا خريد ڪري رهي آهي. صحافين سان ڳالهيون ڪندي فواد چوڌري چيو ته 20 آگسٽ کان هيڪر نالين وزيراعظم آفيس جي آڊيو ليڪ ٿيندي رهي آهي. اسان تمام گهڻو خرچ ڪري ايجنسين کي جديد سامان کان ليس ڪيو، 340 ڪلاڪن جي آڊيو ليڪ ٿي پر /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 31

ممنوعه فنڊنگ وارو ڪيس: عمران خان جي نااهلي بابت ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي ملتوي

اسان درخواست ۾ وفاق جو ذڪر ڪيو پر ان کي ڌر نه بڻايو هو، هاڻ منفرق درخواست ذريعي وفاق کي به ڌر بڻائڻ چاهيون ٿا: درخواست گذار

وفاق کي ان ڪيس ۾ ڌر بڻائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اڄ مرڪزي ڪيس ناهن لڳل ڇاڪاڻ ته ڪاز لسٽ ڪئنسل ٿي وئي هئي: عدالت

فيصل واوڊا ڪيس به اهڙي قسم جو هو، معاملو اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻيو هو، هي معاملو به ڇو نه اُن ڏانهن ٿا موڪليون؟

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي نااهل قرار ڏيڻ جي درخواست تي ٻڌڻي بنا ڪنهن ڪارروائي جي ملتوي ڪري ڇڏي آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عامر فاروق درخواست گذار شهري محمد ساجد جي عمران خان جي نااهلي ڪيس ۾ داخل منفرق درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، درخواست گذار جي وڪيل چيو ته اسان /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 33

ڪئناڊا ۾ سامونڊي طوفان"
فيونا" جون تباهيون، گهر، گاڏيون
لڙهي ويون

اوٽاوا (م د) ڪئناڊا جي اوڀرندي ساحلي پٽي وارن علائقن ۾ سامونڊي طوفان "فيونا" وڏي پئماني تي تباهي مچائي ڇڏي آهي. پرڏيهي خبرن ادارن موجب طوفان جي نتيجي ۾ نووا اسڪوشيا، پرنس ايڊورڊ آئيلينڊ ۽ نيو فائونڊ لينڊ جي سامونڊي پٽي وارا علائقا سخت متاثر ٿيا آهن. طوفان جي نتيجي ۾ لکين ماڻهو بجلي کان محروم ٿي ويا آهن. جڏهن ته گهر ٽوٽي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 36

ڪراچي: صدر عارف علوي مختلف سماجي اڳواڻن سان ملاقات ڪندي

آڊيو ليڪس معاملو، وزيراعظم قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس طلب ڪري ورتو

آءِ بي ۽ آءِ ايس آءِ جا سربراهه ڳجهي رڪارڊنگ بابت قومي سلامتي ڪميٽي کي آگاهه ڪندا

اجلاس ۾ ٻچاءَ وارو وزير، گهرو وزير، پرڏيهي وزير ۽ ناڻي وارو وزير پڻ شرڪت ڪندا

اسلام آباد (م د) وزيراعظم هائوس سميت اهم جاين تي ڳجهي رڪارڊنگ واري معاملي تي وزيراعظم شهباز شريف قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس سڏائي ورتو آهي. وزيراعظم قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس اربع ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ طلب ڪري ورتو آهي. اجلاس ۾ آءِ ايس آءِ ۽ آءِ بي جي سربراهه پڻ شرڪت ڪندا آءِ بي ۽ آءِ ايس آءِ جا سربراهه ڳجهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 37

روزاني آس
ايڊيٽر : عاطف صادق

dailyaasoffical 0322-3921123
dailyaasoffical 0335-7558367
www.dailyaas.com.pk Email-dailyaashyd@gmail.com
ڪراچي آفيس: رابطي لاءِ 10ي 1-ٿئون فلور، فرسٽ جامي ڪمرشل اسٽريٽ، فيز VII ڊي ايڇ اي، ڪراچي. فون نمبر 021-35317757
حيدرآباد آفيس: آفيس 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس نيئر حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد. فون نمبر 022-2782921

پبلشر افشان عاطف سر پرنٽرز جي 1، گرائونڊ فلور بي آر آر ٽاور حسن علي اسٽريٽ، آءِ آءِ چندريگر روڊ مان ڇپرائي آفيس نمبر 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس گاڏي کاتا حيدرآباد مان پڌري

اداريو ۽ راءِ

شنگهائي تعاون تنظيم ۾ پاڪستان جي وزيراعظم جو خطاب

شنگهائي تعاون تنظيم جو 22 هون سربراهه اجلاس ازبڪستان جي شهر سمرقند ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ روس، چين، ڪرغزستان، ازبڪستان، تاجڪستان، ڀارت، ترڪي، ايران ۽ پاڪستان جي حڪومتي سربراهن شرڪت ڪئي. ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، علائقائي سلامتي، اقتصادي تعاون ۽ ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. شنگهائي تعاون تنظيم جي سربراهه اجلاس جي پڄاڻي تي گڏيل پڌرنامو جاري ڪيو ويو جنهن موجب موسمياتي تبديلي بابت پيرس معاهدي تي گڏيل ۾ مختلف ذميوارين سان عمل ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. شنگهائي تعاون تنظيم يورو-ايشيائي ملڪن جي سياسي اقتصادي ۽ سيڪيورٽي تنظيم آهي. شنگهائي تعاون تنظيم جي چارٽر موجب تنظيم جا چار اهم مقصد آهن، جن ۾ دهشتگردي، اقتصاديات، ثقافت ۽ اندروني سلامتي شامل آهن. شنگهائي تعاون تنظيم جي سربراهه اجلاس کي خطاب ڪندي پاڪستان جي وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف چيو ته پاڪستان ۾ تازيون ٻوڏون موسمياتي تبديلين سبب آهن ۽ هن ٻوڏ پاڪستان جي بيٺل پاڻي جي سمنڊ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي

400 هارن سميت 1400 کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن.لکين ايڪڙن تي بيٺل فصل تباهه ۽ لکين گهر تباهه ٿي ويا.ان موقعي تي ميان شهباز شريف عالمي برادري خاص طور تي ميمبر ملڪن کان وڌيڪ مدد جي اپيل ڪندي چيو ته اچو ته گڏجي هٿ ملايون ته جيئڻ ٻي گهر ماڻهن کي جلد کان جلد بحال ڪري سگهجي. موسمياتي تبديلي تي وڌيڪ ڳالهائيندي ميان شهباز شريف چيو ته موسمياتي تبديلي جي قيمت رڳو پاڪستان ادا ڪئي آهي. ڇا ان تبديليءَ جو نقصان رڳو پاڪستان تائين محدود هوندو يا ٻين ملڪن کي به ساڳي صورتحال کي منهن ڏيڻو پوندو هن چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين جا نتيجا ڀوڳي رهيو آهي پر هاڻي اسان سيني کي موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ موثر قدم کڻڻا پوندا. ان موقعي تي پاڪستان جي وزيراعظم ميان شهباز شريف چيو ته موسمياتي تبديلي سان ۾ ئي گڏ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اسان سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

پاڪستان جو امن افغانستان جي امن سان جڙيل آهي. هن چيو ته هڪ خوشحال، ترقي يافته ۽ تعليم يافته افغانستان خطي جي سمورن ملڪن لاءِ اهم آهي. پاڪستان جي وزيراعظم ٻين حڪومتي سربراهن سان به انتهائي مفيد ۽ اهم ملاقاتون ڪيون. ان موقعي تي ميان شهباز شريف ۽ روسي صدر ولاديمير پيوٽن وچ ۾ اهم ملاقات ٿي. جنهن ۾ روس کان پائيپ لائين ذريعي پاڪستان کي گئس جي فراهمي جو جائزو ورتو ويو.ان حوالي سان روس جي صدر جو چوڻ هو ته پاڪستان کي گئس فراهم ڪرڻ لاءِ گئس پائيپ لائين اڳ ۾ ئي موجود آهي. صدر پيوٽن پاڪستان ۾ تازين ٻوڏن دوران جاني ۽ مالي نقصان تي افسوس جو اظهار ڪندي هر ممڪن مدد جو يقين ڏياريو.

حرمت حرف احمد فريد

اهڙي طرح ميان شهباز شريف ۽ چين جي صدر وچ ۾ اهم ملاقات ٿي جنهن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي چيني صدر ميان شهباز شريف کي چين جي دوري جي دعوت پڻ ڏني. جيڪا پاڪستان جي وزيراعظم قبول ڪري ورتي. ايران ۽ ٻين ميمبر ملڪن جي اڳواڻن سان به ملاقاتون ٿيون. پر سڀ کان اهم ملاقات پاڪستان جي وزيراعظم ميان شهباز شريف ۽ ترڪي جي صدر رجب طيب اردگان وچ ۾ ٿي. اجلاس ۾ روس کان پائيپ لائين ذريعي پاڪستان کي گئس فراهم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو ان کان علاوه ٻطرفي واپار جي فروغ سميت وڏي پيماني تي منصوبن جي روڊ ميپ جي منظوري ڏني وئي. صدر طيب چيو ته هو پاڪستان کي ايشيا ۾ پنهنجو ويجهو ساٿي سمجهن ٿا.شنگهائي تعاون تنظيم جي سربراهه اجلاس ۾ پاڪستان جي وزيراعظم ميان شهباز شريف جو خطاب انتهائي اهم آهي. ميان شهباز شريف جي خطاب ۾ اٺاريل نقطن جي گونج تنظيم جي گڏيل پڌرنامي ۾ به واضح ڏسي سگهجي ٿي.جنهن جي حوالي سان تنظيم موسمياتي تبديلي بابت فرانس جي معاهدي تي عملدرآمد جو اعلان ڪيو آهي. ان کان علاوه اجلاس جي موقعي تي ٿيندڙ ملاقاتون به انتهائي اهم آهن ۽ انهن جا ثمر ۽ اثر يقيناً پاڪستان جي معيشت لاءِ ڪارآمد ۽ دور رس ثابت ٿيندا.

400 هارن سميت 1400 کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن.لکين ايڪڙن تي بيٺل فصل تباهه ۽ لکين گهر تباهه ٿي ويا.ان موقعي تي ميان شهباز شريف عالمي برادري خاص طور تي ميمبر ملڪن کان وڌيڪ مدد جي اپيل ڪندي چيو ته اچو ته گڏجي هٿ ملايون ته جيئڻ ٻي گهر ماڻهن کي جلد کان جلد بحال ڪري سگهجي. موسمياتي تبديلي تي وڌيڪ ڳالهائيندي ميان شهباز شريف چيو ته موسمياتي تبديلي جي قيمت رڳو پاڪستان ادا ڪئي آهي. ڇا ان تبديليءَ جو نقصان رڳو پاڪستان تائين محدود هوندو يا ٻين ملڪن کي به ساڳي صورتحال کي منهن ڏيڻو پوندو. هن چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين جا نتيجا ڀوڳي رهيو آهي پر هاڻي اسان سيني کي موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ موثر قدم کڻڻا پوندا.

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل سستو، ملڪ ۾ مهانگو

عمران خان جي حڪومت ۾ مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ خلاف مظاهرا ڪندڙ اتحادي پارٽيون هن وقت اقتدار ۾ آهن اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ عوام کي اها اميد هئي ته جيڪي مهانگائيءَ جون چهبون عوام مٿان عمران خان جي حڪومت ڪرايون آهن. انهن کي هٽائي پي ڊي ايم جي حڪومت عوام کي ڪو رليف ڏيندي. اها ڪي اهڙا فيصلا ضرور ڪندي. جن وسيلي عوام کي گهٽ ۾ گهٽ اهو احساس ضرور ٿيندو ته اهڙن ماڻهن جي حڪومت وجود ۾ آئي آهي، جنهن کي غريبن جو احساس آهي پر جيئن ئي حڪومت آئي ته ان نه رڳو مهانگائيءَ جا اڳوڻا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا پر ان عوام جي چيلهه ٽي ڇهي ڪري ڇڏي. اڄ کاڌي پيتي جي اسن کان وٺي هر شيءِ مهانگي ٿي وئي آهي. ايتري قدر جو عوام کي اٽو به 125 روپيا ڪلو ملي رهيو آهي. اهڙي ريت مهانگائيءَ جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي. جيڪو لاڳيتو هلي رهيو آهي ۽ حڪومت ان کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ تيار ڪانهي. ڇا جو نديل نمائندن کي اندازو ناهي ته عوام لاءِ هڪ ويلي جي ماني ڪائڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي ۽ ماڻهو جڏهن دڪان تان اٽو وٺڻ يا ڀاڄي وٺڻ وڃن ٿا ته اگهه ٻڌي حيران ٿي ويندا آهن. پر عوام جي ڪيسي تي پوندڙ بار کي حڪومت محسوس ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. نتيجي ۾ نه رڳو عوام لاءِ پريشانيون وڌيون آهن پر ان لاءِ ڪئين مسئلا پڻ پيدا ٿي ويا آهن عوام جي گهرن جي بجيٽ هالوڪي حڪومتي فيصلن سبب بنهه گهڻي متاثر ٿي آهي. حڪومت اچڻ شرط پيٽرول جون قيمتون اينريون ته وڌائي ڇڏيون جو عوام لاءِ پيٽرول خريد ڪرڻ مسئلو ٿي ويو آهي. ان کانسواءِ جڏهن پيٽرول جون قيمتون وڌڻ ٿيون ته هر اسر چڙهي ويو ويندو آهي. اهڙي ريت عوام کاڌي پيتي جون شيون به خريد ڪونه ڪري سگهندو آهي. حڪومت اڳ ۾ اهو بهانو ڪيو هو ته عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽرول مهانگو آهي. ان ڪري سستو پيٽرول نٿو ملي سگهي پر هاڻ ته عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽرول سستو لڳو پيو آهي تنهن هوندي حڪومت پيٽرول سستو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهه ۾ 6 سيڪڙو تائين گهٽتائي اچي وئي آهي، جڏهن ته پاڪستان ۾ پيٽروليم اسن جا اگهه ڏينهون ڏينهن وڌڻ جو سلسلو جاري آهي. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ موجب عالمي مارڪيٽ ۾ ڊبليو ٽي آءِ ڪچو تيل 78 ڊالر في بيرل وڪرو ٿي رهيو آهي، جڏهن ته برنيٽ آئل جو اگهه 86 ڊالر في بيرل تي پهتو آهي ان کانسواءِ عالمي مارڪيٽ ۾ گئس جي قيمت ۾ به 4 سيڪڙو تائين گهٽتائي آئي آهي. جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ رڳو هڪ ڊالر به پيٽرول وڌندو آهي ته حڪومت پاڪستان ۾ ڪيترائي روپيا پيٽرول مهانگو ڪري ڇڏيندي آهي. پر جڏهن عالمي مارڪيٽ پيٽرول جو اگهه لهي ٿو ته حڪومت هتي اگهه سستو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. نتيجي ۾ عوام جي حالت ابتري ته ڏترجي وئي آهي جو اهو هر حوالي سان رڙيون ڪري رهيو آهي. پر حڪومت عوام دوست فيصلا ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. حڪومت پنهنجي هر بيان ۾ اهو چوندي رهندي آهي ته اها ڏکيا فيصلا ڪرڻ واري آهي. ڪالهه ڏکيا فيصلا ڪندڙ خزاني واري وزير مفتاح اسماعيل پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. جنهن ڪانپوءِ امڪان آهن ته اسحاق ڊار کي اهو قلمدان سونپيو ويندو. پر ڇا هو عوام کي ڪو رليف ڏئي سگهندو. ان وٽ جادو جي ڪهڙي ڇڙي آهي. جو هو ملڪي معيشت جو ٻڏندڙ ٻيڙو تاري ويندو. جيڪڏهن هن جي وزارت ڪانپوءِ به صورتحال ساڳي ئي رهي ته پوءِ ان وزارت تي پلي ڪنهن به معاشي ماهر کي ويهاري ڇڏجي اهو عوام جي پلي لاءِ ڪجهه به ڪري سگهندو ۽ عوام جي حالت وري به خراب ٿي رهندي.

اسين سمجهون ٿا ته حڪومت عالمي مارڪيٽ ۾ ڪرندڙ تيل جي اگهن جو جائزو وٺندي ملڪ ۾ تيل جا اگهه گهٽائي ته جيئن عوام کي ڪجهه رليف ملي سگهي.

عربن سان شجرا ڳنڍڻ واري نفسيات

اختر حفيظ

جيڪڏهن هڪ ماڻهو اعتماد سان ڪوڙ ڳالهائي ٿو، تڏهن به اهو ڪوڙ هوندو. جيڪڏهن سئو ماڻهو اعتماد سان ڪوڙ ڳالهائين ٿا، تڏهن به اهو ڪوڙ هوندو. [illegible]

بقايا [illegible]

بقايا ●/آس/● 01

تي سميت مختلف سياسي، سماجي، قومپرست، مذهبي جماعتن جي اڳواڻن، ڪارڪنن توڙي سنڌس مٽن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنهن بعد سنڌس مڙهه سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا ●/آس/● 02

اجلاس جي صدارت سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل اٿارٽي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سهاڳ ڪئي. اجلاس ۾ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪانپوءِ اتفاق ڪيو ويو ته ڪي اليڪٽرڪ ۽ اسٽيوٽا جي آفيسرن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي گڏيل طور تي سروي ڪندي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر آپريشنز ذوالفقار جتوئي، ايڊيشنل ڊائريڪٽر اڪيڊمڪ اينڊ ٽريننگ يونس ڏاهري ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سارڪ مهوش جيلاني، ايڊيشنل ڊائريڪٽر آ. سي بي بي عظمت حفيظ، ڊپٽي ڊائريڪٽر ورڪس اينڊ سروسز محبوب ٽنيو ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ايڊمنسٽريشن توصيف علي صابري پڻ موجود هئا.

بقايا ●/آس/● 03

مارونڱن جي چرپائي مال کي بيماري کان بچاءُ جون رڪسين ڪرائي ڪين ڏنائون ڏنيون تفصيل موجب پنوعاقل جي ڳوٺ آبادي واري يوسي نارو همٽر ۾ موجود ڳوٺ فيض محمد مهر، ميو مهر، ڪريم بخش ٽرٽ، سميت ۽ آسپاس ۾ آيل برساتي پوڏ متاثرين ۾ ٻڌ هلي وڃي مال جي بچاءَ جي ويڪسين ڪئي ۽ مفت دوايون تقسيم ڪيون ڪيمپ جي انچارج ڊاڪٽر دوست محمد ڪلهوڙو چيو ته حاليه

پنوعاقل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سينٽر تي سفارش تي پئسا ملڻ لڳا

سفارش تي من پسند ماڻهن کي چور دروازي کان پئسا ملڻ لڳا، ڪٽوتي لازمي قرار

بي سهارا بيرسن عورتون نظرانداز سفارش نه هجڻ سبب هڪ بيرسن عورت بيهوش ٿي وئي

چور دروازي کان سفارشين کي پئسا ڏنا پيا وڃن ميڊيا جي پهچڻ تي چور دروازو بند ڪيو ويو

پنوعاقل: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سينٽر تي سفارش تي پئسا ملي رهيا آهن

قومي شاهراهه تي ناڪلو شاهه موري وٽ روڊ پار ڪندڙ همراهه حادثي ۾ فوت

روڊ پار ڪندڙ نظير احمد چانڊيو کي ڪرچ ٽڪر هڻي جيڪو فوت ٿي ويو

گوٽ وڃي رهيو هو ته حادثي جو شڪار ٿيو فوتي جو لاش سول اسپتال منتقل

ايس ايس پي نوشهروفيروز جي حڪم تي ڪاروايون جاري

قتل ڪيس ۾ گهربل مرڪزي جوابدار صغير ولد رمضان هٿيارن سميت گرفتار

ٽنڊي جي يوسي ٽنڊو حافظ شاهه جي وڏي آبادي واري ڳوٺ جي رهواسين جو احتجاج

ٻوڏ متاثرين سماجي تنظيم پاران راشن لاءِ مليل ٽوڪن هٿ ۾ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو

گهر ڪرڻ سبب اسان سخت پريشان آهيون انتظاميه ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين

ٽوڪن جون سامان ڏيڻ ڪان بجاءِ ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو: ڳالهيون

ٽنڊو: يوسي ٽنڊو حافظ شاهه جي وڏي آبادي واري ڳوٺ جي رهواسين جو احتجاج ڪندي

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺ گهيڙ گهوڙو واسي اڪين جي نور ڪان محروم ٿيڻ ڪان پاران احتجاج

ميرپورخاص جي مختلف رهائشي علائقن مان برساتي پاڻي نيڪال نه

ليٽ سبب ڊينگي ۽ مليريا جا راڱا

هي وقت سياست چمڪائڻ جو ناهي آهي: ذاتي بخش ٻهڻ

هنتري ٿاڻي جي حد ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو

ڊپٽي ڪمشنر سجاول شهريار گل ميمڻ بدلي ٿي ويو

امتياز علي ابڙو نئين ڊي سي سجاول مقرر ڪيو ويو نوٽيفڪيشن جاري

حيدرآباد ۾ عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ پاران ٻوڏ متاثرن جي واهر لاءِ مارچ

خيرپور جي سول جج انيس الرحمان بروڙو جي عدالت پاران جوابدار اشتهاري قرار

جوابدار جانثار نواب ڦليپوٽو ۽ سندس پٽ فريد ڦليپوٽو کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو

سنڌ پليجا ڪائونسل پاران شهر بهارا جي مختلف ڳوٺن ۾ راشن تقسيم

تنظيم جي چيئرمين ڊاڪٽر مختيار علي پليجي جي اڳواڻي ۾ سامان ورهايو ويو

ڳوٺ رمضان خاصخيلي ڳوٺ احمد ڪاتيار ڳوٺ آڳيڏنو سومرو ڳوٺ دليل جوکيو ۾ تقسيم

فصل ۽ روزگار جا ذريعا تباهه ٿي چڪا آهن انهن متاثرن جي بحالي ۾ وقت لڳندو: مختيار علي پليجو

ٽنڊو: سنڌ پليجا ڪائونسل پاران شهر بهارا جي مختلف ڳوٺن ۾ راشن تقسيم ڪيو پيو وڃي

مهانگائي ۾ پيڙهيل عوام اٿي لپ لاءِ پريشان آهي: علي اڪبر عباسي

جونديل نمائندن ۽ انتظاميه خاموش تماشائي بڻجي غريبن کي پيڙهي رهيا آهن

شهر ۾ اٽي جي اگهن تي ڪنٽرول ڪري دڪاندارن کي ريٽ لسٽون ناهي ڏنيون وڃن

ضلعي انتظاميه کي گذارش آهي ته صحت ۽ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪيو وڃي: ڳالهيون

لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽرن طرفان او پي ڊي جي بائيڪاٽ سبب مريضن جي حالت خراب

مريضن جي وارثن ڊاڪٽرن خلاف سول اسپتال روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي

اسان پنهنجي مريضن کي علاج لاءِ ڪاٿي وٺي وڃون: ڊاڪٽر او پي ڊي کي نالائق قرار

لاڙڪاڻو: ڊاڪٽرن جي او پي ڊي بائيڪاٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ ۾ برسات متاثرن جي واهر نه ڪرڻ خلاف عوامي تحريڪ پاران احتجاج

عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن ريلي ڪڍي جيڪا مهراڻ چوڪ تان شروع ٿي

لال جروار، ستار رند، سليم پنگر ايڊووڪيٽ، حسين سومرو، لطيف پٽي شريڪ

بيمارين ۽ بکن ۾ ڦاٿل ماڻهو ڦاٿل ۾ پاهه تي رهيا آهن پر سرڪار سندن ڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين

ميونسپل ڪميٽي جي وارڊ نمبر 16 سميت مختلف ڳوٺن جي رهواسين پاران احتجاج

خان محمد ڏاهري، ڳوٺ علي نواز چانڊيو، ڳوٺ ڏڱاڻو چانڊيو جي رهواسين پاران مظاهرو ڪيو ويو

ڳوٺن ۾ اڃا تائين گوڏي جيڏو پاڻي بيٺل آهي، جنهن ڪري زندگي مفلوج بڻيل آهي: مظاهرين

برساتي پاڻي نيڪال ڪرايو وڃي ۽ بيمارن جو علاج ڪرايو وڃي، نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

پاڻي ۾ ٻڏل ٻوڏ متاثرين لاءِ احساس ڪفالت تحت ملندڙ 25 هزار رپين سينٽر تي عورتن جي خواري

شڪارپور جي مهراڻ ميڊيڪل اسٽور داري جي مالڪ پاران احتجاجي مظاهرو

شڪارپور: مهراڻ ميڊيڪل اسٽور داري جو مالڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي

آل سنڌ سنگت فنڪار ايسوسيئيشن پاران سنڌ پريس ڪلب ۾ احتجاجي مظاهرو

ميهڙ: آل سنڌ سنگت فنڪار ايسوسيئيشن پاران ڳائڻ ڳائي احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۾ برساتي پاڻي سبب مشڪلاتن ۾ اضافو، 3 ڄڻا نانگ جي ڪڪڻ سبب فوت

گهر جي ڇت ڪرڻ سبب نينگري فوت، چار ڄڻا زخمي، پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ڪنگري تعلقي جي ڳوٺ صادق ڪلهوڙو ۾ 40 سالن ممتاز ڪلهوڙو کي نانگ ڪکي وڌو

ڳوٺن ۾ 5 کان 6 فٽ پاڻي بيٺل آهي انتظاميه ڪوبه تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين جون دانهون

پنوعاقل جي يونين ڪائونسل 9 نارو همٿ ۾ صحافي ست جا فلاحي ڪم جاري

مالوند مارونئڻ جي جهوپائي مال کي بيماري کان بچاءُ جون ويڪسين ڪرائي ڏيڻ جو ڏنيون

سيڙهائي جهڪو بخار ڪاروڙ سمهڙو ۽ وڙو جهڙيون بيماريون تيزي سان پکڙجي رهيون آهن

سلطانپور پريس ڪلب جا صحافي دوست جس لهڻا جنهن مسلسل رابطي ۾ رهي رسائي ڪرائين ٿا

پنوعاقل: يونين ڪائونسل 9 نارو همٿ ۾ صحافي ست جا فلاحي ڪم جاري

پاڪستان سني تحريڪ سنڌ جي سينئر صوبائي اڳواڻ مولانا علي نواز قاسمي جو چاچو انتقال ڪري ويو

صوبائي اڳواڻ مولانا علي نواز قاسمي جو چاچو عبدالمجيد ڪنهر لاڏاڻو ڪري ويو

ميهڙ ٻوڏ متاثر ڳوٺ شيهن جي رهواسين جو انڊس هاءِ وي روڊ تي ڌرڻو

انڊس هاءِ وي روڊ تي نهنن سان ۽ ڏانڊن کي ٻاڌيون ڏئي 3 ڪلاڪ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

اسان جو هي ڳوٺ ٻوڏ متاثر آهي پر اسان کي امداد ناهي ملي: مظاهرين

ميهڙ: ڳوٺ شيهن جي رهواسين جو احتجاج

ڪي اليڪٽرڪ جي وفد پاران اسٽيوڻا جي ٽيڪنيڪل ادارن جو دورو

ڪالونين ۾ بجلي جي مختلف مسئلن جي حل جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ

اجلاس جي صدارت اسٽيوڻا جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سهاڳ ڪئي

ڊائريڪٽر اڪيڊمڪ اينڊ ٽريننگ يونس ڏاهري ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سارڪ مهوش جيلاني شريڪ

ڪراچي: ڪي اليڪٽرڪ پاران رهائشي ڪالونين ۾ بجلي جي مختلف مسئلن جي حل لاءِ ڪرايل اجلاس جو منظر

خيرپور جي بلوچ ڪالوني جي رهواسي پوڙهي غلام سرور ملاح پاران احتجاج

الله ڏني خاتون، زيب، زويا ملاح ۽ ٻين بااثر جوابدار خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

بااثر گهر ۾ گهڙي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ زبردستي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

شاهه عبداللطيف جي پبلڪ ايڊمنسٽريشن جي شاگرد تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

شاگرد سليم لنجوائي مٿان ايف آءِ آر داخل ڪري گرفتار ڪرڻ واري عمل خلاف مظاهرو ڪيو ويو

وسيم خان لنجوائي، وحيد علي شر، نسيم، عابد شاهه، منصور ابڙو ۽ ٻين پاران اڳواڻي ڪئي وئي

ڪنڊ ڪيٽ قطر فائونڊيشن طرفان ٻوڏ متاثرن ۾ 500 راشن بيگ ورهايا

محمد اشرف ۽ عابد علي رند سميت سندس ٽيم طرفان 500 راشن بيگ تقسيم ڪيا ويا

جيڪب آباد ۾ برساتن سبب نقصان جا انگ اکر گڏ ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي جوڙي وئي

ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ هڪ اجلاس گهرايو ويو جنهن ۾ روينيو جي عملدارن شرڪت ڪئي

سمير نور ڄڻا، پاڪ فوج جي عملدار سميت ٻين عملدارن تي مشتمل ڪاميٽي جوڙي وئي آهي

خيرپور جي ماڊل ڪورٽ منشيات ڪيس ۾ جوابدار کي قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

جج محمد اسلام الحق آرائين جي عدالت ۾ منشيات ڪيس جي ٻڌڻي ٿي ڳذري

تنوير ولد غلام محمد سيال مٿان ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سال 9 مهينا قيد جي سزا ٻڌائي وئي

بحريا ٽائون خلمت ۾ سي کان اڳتي، هزارين خيما تقسيم ڪرڻ جو سلسلو جاري

سنڌ جي متاثر علائقن ۾ هزارين راشن بيگ ۽ هزارين خيما تقسيم ڪرڻ جو سلسلو جاري

سنڌ ماڻهن لاءِ رينجرز پمپ پرسان 500 خيمن تي مشتمل ڊجيٽل ٽينٽ سٽي قائم ڪيو ويو

سڪرنڊ: متاثرن لاءِ قائم ڪيل ٽينٽ سٽي جو ڏيک

ڪنڊ ڪيٽ قطر فائونڊيشن پاران ٻوڏ متاثرن ۾ راشن ورهايو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز ۽ ايسوسيئيشن ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جو اجلاس

لاڙڪاڻي جو اجلاس مرڪزي نائب صدر سعد الله جتوئي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

جنرل سيڪريٽري غلام شبير پٺاڻ، امتياز ابڙو، اصغر ملاح، غلام مصطفيٰ چانڊيو شريڪ

سيوهڻ پ پ پ اڳواڻ وقاص طارق باجاري پاران ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو

وقاص طارق باجاري پاران يوسي باجارا جي مختلف علائقن جو دورو ڪري سامان ورهايو

ڳوٺ خميسو خان ٻگهيو ڳوٺ غلام رسول لاکو ڳوٺ ملو ٻگهيو سميت ٻين ڳوٺن جو دورو